# نظم جو پاڱو

## آهيون الف آسري، مُحمّد مجيوسون

حضرت شاهه عبداللطيف رحمة الله عليه 1102ھ/ 1690ع ۾ ڄائو سندس پيءُ جو نالو سيد حبيب شاهه آهي. شاهه صاحبؒ سير سفر جو ڪوڏيو هو. راڳ سان بہ سندس گھڻي دلچسپي هئي. شاهه سائينءَ جي ڪلام جو ڪتاب "شاهه جو رسالو" سنڌي ٻوليءَ جو هڪ اهم دستاويز آهي. سندس ڪلام تصوف جو رنگَ ۾ رڱيل آهي. هو "سنڌ سڪار" سان گڏ "عالم سڀ آباد ڪرين" جي دعا ٿو گھري. سندس ڪلام صحيح معنيٰ ۾ آفاقي آهي.

شاهه سائينءَ 14 صفر 1165ھ تي بمطابق 1752ع ۾ وفات ڪئي. هر سال انهيءَ تاريخ تي ڀٽ شاهه تي ميلو لڳندو آهي.

وائي

جن جو وارث ٿون، آلا، سي ڪيئن رهندا نيٺ منهنجا،
آڳـي أڀ خلـقيـا، ڀَلـي خلـقيائيـن ڀُـون،
جـن جـو وارث ٿُـون!

جـوڙيائين جـهـانُ ڪـي، چئي ڪُـن فيڪُون،
جـن جـو وارث ٿُـون!

ڪوڙي دنيا ڪُوڙا پَسارا، ڏينهن مِڙوئي ڏُون،
جــن جــو وارث ٿــون!
آهــيــون الــف آسري، مُحمّد مجيــو سُــون،
جــن جــو وارث ٿــون!

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1- اُپ ۽ پُونءِ ڪنهن خلقيا آهن؟
2- هيءَ ڪُوڙي دنيا گهٽا ڏينهن آهي؟
3- اسين ڪنهن جي آسري آهيون؟

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:
اگي – اُپ – پلي – پُونءِ – پسارا – ڏُون.

(ج) هيٺين لفظن جا ضد لکو:
اگي – اُپ – پلي – ڪُوڙي.

(د) هيٺ ڏنل شعر مڪمل ڪريو:

- جوڙيائين جهان کي، چئي ..........................
- ڪوڙي دنيا، ڪوڙا .......................... ڏينهن مڙوئي ڏُون.
- آهيون الف آسري، مُحمّد ..........................

(هه) اهڙا ضمير جيڪي ڪن اسمن ڏي اشارو ڪن ٿا، تن کي ضمير اشارو چئبو آهي: اُهي ٻن قسمن جا آهن: ضمير اشارو ويجهو ۽ ضمير اشارو ڏُور، "هيءَ" "هِن" ضمير اشارو ويجهو لاءِ ڪم ايندا آهن. توهين انهن کي پنهنجي جملن ۾ ڪتب آڻيو.